ڪڏهن ڪڏهن بلڪل ننڍڙا واقعا زندگيءَ کي هڪ موڙ ڏئي ڇڏيندا آهن. اهي واقعا ڪڏهن ڪڏهن ته منهنجي زندگي اهڙي واقعن سان ڀريل آهي، حيرت انگيز ۽ درد انگيز.... اهي واقعا منهنجي جيون ۾ ٿي گذريا آهن. ڇو ته منهنجي جيون هميشه جل جي اُن ڦري جيان گذري آهي جو هميشه وهڪ ۾ ئي رهيو آهي، ڪٿين آستان ڏنا ائس. ليڪن ڪلهوڪي واقعي جنهن اُن ڀاڪيءَ جي ڦـڙي کي ٻرندڙ لٽي ئي ڪٽي اُڇليو آهي. پاڻيان ٻيو

# چـــمـــا ٽ

زندگيءَ ۾ الاهي الاهي سچ پرچي وٺي آهي. الاهي آزودا، الاهي ڌن دولت، سڀ ڪجهه ڪيئن. اندر وٽ ڪوئي لوچ مچائي، "زندگي ان لاءِ ناهي، ان لاءِ ناهي!" ناهن جو احساس سرير جي هر انگ ۾ پرچي ويو آهي. هردي اندر ڪوئي احساس اٽڪيو ته ٿوڪجي پيو آهي، جو شايد ڇالي ڦاڙي ٻاهر نڪري اچي. هڪڙي رواجي سچ اندر ۾ اهڙي ته روشني ڦهلائي ڇڏي آهي جو سمجهان پيو، هڪ ليز تڪي بلب

سڏ ڪيائين. ”ننڍي ٻاهر نه ڏس اڇي ڪڪر آيو آهي.“
ننڍي ٻيمارن جيان هلندي ٻاهر آئي. سندس ٻيلي مکڙي
تي چمڪندڙ ماڪ جيان ڦهليل مــرڪ موڪلي ڏاڍي
وڻي. ڇاڇي چيو، ”وڏا هٿا ٻڪڙ ڏسڻ. ڇڙڪر ڪي
ٻڪڙ ڪين آئي، سو اڌ ۾ ئي ٽڪسي ڪري واپس
وڃي هليو آيو اٿس.“

”اصل ۾ ٻڪڙ هٿي لمام دک جي،“ روڻي ذرا
لــڄي ٿيندي چيو، ”ننڍي، دک سهي ڪين سگهي،
اڇي روئڻ ۾ چنڪي....“

ننڍي جون اکيون زمين ۾ کپي ويئون.

”ڇا ڪجي،“ ڏکيو ساهه کڻي روڻي چيو، ”ڏاڍي
جدائي آهي.“

پس روڻي جو جدائي چوڻ ۽ منهنجي اکين اڳيان
اڳئين مسافريءَ تان موٽڻ وقت ڏٺل ننڍي جو نــاٽڪ
شروع ٿي ويو. جيستائين ڪاڏي ٻيٺي جو ڪٽراڳ هلندو
رهيو، تيستائين اڄ جي ننڍي سان گڏو گڏ اڳينءَ مسافريءَ
وقت ڏٺل ننڍي به منهنجي اکين اڳيان ڦرلندي رهي.
اڄ جي ننڍي نه پيرن هيٺان ڪرب زمين ٿي محسوس
ڪئي. مگر اڳين ننڍي جڻ نه هوا تي پئي هلي. هر هر
سندس همت ڏکي ٿي ويا. ٽلڪ جي شيشي پڳل
ڏٺائين نه رت جو ٽلاءُ ڇٽي ڪري پيئي. هڪ ڏيهن
ساڙهي جو پلئه ڳچيءَ ۾ ويڙهي پئي اچ وڃ ڪيائين.

مون چيو، ”چاچي لڌهن کي ڏاڍو ڏک پرديءَ ۾ رهڻ سيکاريو اٿيئي.“ چاچي اشاري ۾ کڻي لڇميءَ کي سهم ڪيدي. هن ڇوڪريءَ جا هٿ پيا ڏڪڻ. ويهڻ جو چاهه آڻيندي پاڻکي ڪٽ پاسي واري ڪوٺيءَ مان آرسيءَ ۾ ڏٺائين، هن شرم ۾ ٻڏي ويئي. محفل ڇڏي اٿين ٻگي جڏهن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ. ليڪن اڄ جي لڇميءَ ته انهن ويسن وڳن کي ئي جيءَ لاءِ پڄائي ڪيو هو. هڪ ڳالهه ضرور چولدس. اڇن چمڪندڙ ڪپڙن ۾ اگر لڇمي ٻيد مکڙيءَ جيان ٿي لڳي ته اڄ سادي سوني سانڊهيءَ ۾ ٽڙيل گلاب پئي لڳي.

مان ته سونهن جو شائق آهيان ئي. ان ڪري سادين شين ساڻ نه پولدي اٿم. پر لڇميءَ جي حالت ۾ اٿين پئي لڳو، جڻ هن جي ڇهڙي خود سندس ڪپڙن کي سونهن ڏيئي ڇڏي آهي. الائي ڪيئن اڄ لڇميءَ جي هيءَ صورت مونکي وٽي پئي نه ته لڇميءَ جي مڱڻي وقت جڏهن چاچيءَ اچي چيو، ”مان ته ڇوڪريءَ کي سيکاري ڇڏيندس ته وڏن گهرن ۾ ڪهڙيءَ طرح هلبو آهي،“ تڏهن ڪلي چيو هوءاس، ”چاچي گڏهه جا جاٽي گيهرن مان.“ پر اڄ الائي ڇو پاڻکي غلط پيو سمجهان. اڳي ته ڪڏهن پاڻ کي اٿين ڪين سمجهيو هوم ۽ پر چوان ٿو ته اڄ مان ماٺو ئي پيو ٿي پيو آهيان...

خير ڪلهوڪي ڳاله آهي. لڇمي ٻهران نه ٽڪل پئي

نه هٽي اچين ها....؟

روبيءَ جو اهوئي پاروتو جواب مليو. چي، ”پئسن جي غربيءَ جو فائدو وٺڻ لاءِ؟“

”بس يار تون رڳو پرين جون مورتون چٽي ڄاڻين. اڙي سچيون پچيون پريون ڏسين تـ ها. هٿ لائين جهڙيون پشم، وري نـازڪ طبع کهڙيون رڙ ڪندين ڀڄي وينديون. سڄو ڏينهن ننهن پيئون ٺاهينديون، وار پيئون سينگارينديون، بس جي سگهن ڏوڏي ئي ٻـ هضم ۾ پيئون ڪرنديون. ڏاڍيون نازڪ مزاج. هيئنر تـ ڇوڪريون ڪرائن ٿي جهڙيون وڃون. هٿ لائين تـ اکيون ڪڍي بيهنديون....“

نديءَ ڏاڍي چاهه مان پڇيو، ”پوءِ هاڻي سهڻيون ڪو نه لڳن؟“

”ها اٿين نه اهيءَ پاسي جون ڇوڪريون تن ئي سهڻيون؛ اڄڪلهه نه پاڻ کاڌو خوراڪ ٻ سيني کان سٺو ٿو ملي، سو گهٽي تعداد ۾ ڇوڪريون پاڻ ٺاهوڪيون پيئون لڳن. پر اها نازڪ طبيعت نه رهي اٿن، جا اکين ۾ دل کٽي گهمندي هئي.“

روبي ميز تي ٿولنيون رکي هٿن مٿان ڪـاڏي رکي چيو، ”پاڻي تون آخر نازڪ مزاجي ڇو ٿو چاهين ٿو؟“

دل ۾ چيم، ”جت جو جت رهجي ويو“؛ مونهنجي پدران ماڻس جواب ڏنس. چي، ”نازڪڙيون هونديون

ڪنهنجي لڇميءَ جهڙيون ٿيون ڇا؟“

”چاچي ڳالهه پوري ٿي آهي،“ موهن ٽهڪ ڏنو، لڇميءَ جي نازڪ طبيعت ڪان پوءِ لـــ حد آهي. فرسٽ ايئر ۾ مون سان گڏ پڙهندي هئي. هڪڙي ڏينهن ڪاليج ۾ ٻلي مري وئي، اُن ڇوڪريءَ روئي ڪٽي رڃ پاريا.“

”وڃو ڇيڙائو پيا،“ لڇميءَ جي منهن تي روسامو ۽ چپن تي کل هئي.

چاچيءَ موڙو ڏنو، ”ڇوڪرن کي نه ڇيڙائبو ته ڪنهنکي ڇيڙائبو.“

لڇميءَ جي شڪل پيلي ٿي وئي ۽ هوءَ ميز تان گلاس کڻي رڌڻي ڏانهن هلي وئي.

روپي ڏاڍي لٿل چهري سان چيو، ”ادا لوڪي به ڇا چوان؟“

کٽ تي ليٽيل روپي - ڏاڏيءَ ناس چپٽي ڏيندي ڏاڍي وشواس سان چيو، ”بابا ائين ٿيندو آهي. جن ڇوڪرن کي مائٽ لاڏ ڪوڏ سان پاليندا آهن، سي ائين ڏکيون ٿينديون آهن. ڪلهه ٽڪاڻي ۾ ڪين آرتي لڳي، راڻا جي ڌيءَ هئي ڏکڻي سو گل سنگهندي بيهوش ٿي وئي....“

چاچي کلڻ ۾ چيو، ”بس توهان ٻنهي ڏاڏيءَ ۽ پوٽي نه ٻول ٻول ڪري ڪاراٽو آئس....“

لڊي پاڻيءَ جو گلاس ڀري مون ڏي آڻي ۽ چيائين،
”ڪنهن کي کپي ته پيئي.“ مون سندس ڪومل هٿن
ڏانهن ڏسندي چيو، ”اهڙا عنايت مان خوشيءَ سان
قبولڻ لاءِ تيار آهيان.“ ۽ وايو منڊل ۾ ٻيهر رونق آڻڻ
لاءِ چيم، ”روپا هندوڻي (ويٽنام) جي پاسي ۾ اٿيئي
ٽنڪاڪ الي ته اڄڪلهه به ان ٽن رهڻ ۾ فرسٽ ڪلاس
سهڻي ڇوڪري تنهنجي گوڏي تي ويهي اچي توکي
شراب پيئاريندي ......“

مون شيشي جي گلاس مان پاڻيءَ جو ڍڪ ڀريو.
لڊيءَ کي چپ چاپ پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي مونکي
خبر ناهي ڪيڏو احساس ملي ويو. چيم، ”لڊي، روپي
۾ ڪر ڪولهي نه ته گهٽ ۾ گهٽ فرانس جو نه هڪ
ڦيرو ضرور چڪر هڻائي اچيئي. انهي جي شئمپين رس
(شرط) به ڇا نه مزي واري آهي.“

”ڪهڙي ڏونڌ پائيندا آهن شئمپين رس ۾،“ چاچي
مرڪي سوال ڪيو.

”اڙي پاڻي ڇا ٻڌايانو پنهنجي وارا توهين آهيو، پر
پنهنجو چاچي لاءِ آهي اها خبر ڪين اٿو. روپي ته عمر
تي اچائي وڃائي آهي.“ مون روپي جو ڌيان ڇڪائڻ
لاءِ چيو، جو الاجي ڪهڙي خواب ۾ گم ٿيل پئي ڏٺو.
هو اکيون ڦاڙي مونکي ڏسڻ لڳو. چاچي، اما ۽ لڊيءَ
جو ڌيان نه اچيئي مون ڏانهن هو. مون ڪلي چيو،

”سنگمرمر جو ٺلهو سچو شيمپين شراب سان ڀريندا آهن،
جيڪا فرانس جي سهڻي ۾ سهڻي ڇوڪري هوندي،
اصلي فرسٽ ڪلاس بيوٽي، اُن کي ننگو ٿي ننگو سنان
ڪرائيندا ۽... اُنڪاپوءِ سڀ حاضرين ان ٺلهه مان
شراب جا گلاس ڀري پيئندا آهن...“

او چئو پٽ تي پاڻيءَ جي گرڙين جو نڪاءُ ٿيو.
نٿيءَ الٽي ڪري وڌي. سندس سر چڪر کائي رهيو
هو. روپو نه جهليس ها ته شايد هڪ ڪن ۾ ٿي بيهوش
ٿي ڪري پوي ها. روپو کيس اُٿي ڪمري ڏانهن
وٺي ويو. چاچيءَ مٿي تي هٿ رکي چيو، ”روپا ٺيڪ
آهي ڪا.“

اَما اوڪر کي سڏي چيو، ”اچي الٽي ميڙي وڃ.“
۽ مان... مان جڻ ڪنهن ۾ قائل لسي چپ ٿي ويو
هوس، ٿوري دير ڪانپوءِ نٿيءَ کي ڏسڻ لاءِ روپي جي
ڪمري ڏانهن ويس. نٿي وهاڻي تي ڪنڌ رکي ليٽي
پيئي هئي. مونکي ڏسي منهن اهڙو ڪٽي ڪيائين جڻ
سندس زبان ۾ ڪنهن ڪوڙيءَ چيز جو ذائقو اچي ويو
هو. مان تڏهن به همت رکي اڳيان وڌيس. روپي پاڻ
اٿي مونکي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو.

مون نٿيءَ جي واجهو جهڪي چيو، ”لهڻ جي
طبيعت ڏاڍي نازڪ آهي....“ ۽ هن رونهارڪو منهن
ڪري چيو، ”ٿرهين ڀرشناچار جون ڳالهيون ڪندا ته

اُٿي نه ايندي؟“ ۽ ٻڪا ٻڪ منهن ٻڌي ٻاسي ڪري ڇڏيائين.

ڪاڻي حسينا ان طرح منهن ڦيري ڇڏي! ڇا اڪان وقت ٻه ڪا چماٽ ٿيندي آهي!!

ڪيڏي مهل انڌيري جي ڪمري مان نڪري آيس. ڪهڙي مهل چاچيءَ بسترو وڇائي ڏنو ۽ ڪيڏي مهل هي سگريٽن جو ٻيڙو سڙي رک ٿي ويو، سڀ ڪجهه خواب پيو لڳي.... ڇا سچ پچ ٿي زندگي پرشناچار ۾ گذاري آئي! ۽ هن سچي رات جي سورن ڀري اڌ مان اندر ۾ هي ڪهڙو جهڙو پيدا ٿيو آهي جو گهڙيءَ گهڙيءَ ويندو چوي، ”زندگي گند جو ڪيڙو ٿيڻ لاءِ نه ملي آهي، سدا ورتي ٻچا!“

اڄ هن هي گل گل جو واس، هيءَ ڪلي ڪليءَ جي خوشبوءِ، جا مون پنهنجي جيءَ ۾ گهولي ڇڏي آهي، سا ڇا ڪجهه ڪيڏهي!! اڄ هن ڇا ڪن جي مجبوريءَ ڪي ٿي عطر سمجهي جيءَ لي مکيندو رهيو آهيان....